

# رياست ۽ جهادين جو تضاد
# ڪهڙا نتيجا آڻيندو؟

**_ جامي چانڊيو**

جيتوڻيڪ پاڪستان جي حوالي سان اها ڳالهه غير متوقع يا عجب ۾ وجهڻ جهڙي ناهي پر ملڪ ۾ دهشت پسند ۽ پُرتشدد انارڪيءَ جي رفتار ۾ تيزي اچي رهي آهي. پاڪستان جو شمار به هاڻي سوڊان، عراق، صوماليه، افغانستان، ڪانگو ۽ يوگينڊا جهڙن ملڪن ۾ ٿيڻ لڳو آهي، جيڪي نه رڳو ناڪام رياستون سڏجن ٿيون پر انهن ملڪن ۾ قانون جي حڪمرانيءَ جو ڪوبه تصور نه آهي ۽ اتي پُرتشدد انارڪي هڪ معمول بڻيل آهي. پاڪستان هونئن ته اڻ ڳڻين مسئلن، بحرانن ۽ پيچيدگين ۾ ڦاٿل آهي ۽ فارين افيئرس جي تازي 2007ع جي عالمي رپورٽ ۾ کيس دنيا ۾ ناڪام رياستن جي فهرست ۾ ٻارهين نمبر ۾ شمار ڪيو ويو آهي. تازو ملڪ ۾ آپگهاتي جهاد جي نئين لهر هڪ وڏيڪ شديد بحران کي جنم ڏنو آهي، جنهن تي حڪومت جو ڪنٽرول ٿيندي نظر نه پيو اچي. مشرف حڪومت ۽ خاص طور فوج ۽ جهادي قوتن وچ ۾ هلندڙ هن خوني تڪرار کي هر ماڻهو پنهنجيءَ اک سان ڏسي رهيو آهي ۽ ان مان مختلف ۽ متضاد نتيجا ڪڍي رهيو آهي. عام راءِ اها آهي ته اها مشرف سرڪار جي حڪمت عمليءِ ناٽڪ آهي ته جيئن ملڪ



جي اصل ۽ بنيادي اشوز تان عوام، سياسي پارٽين، ميڊيا ۽ دنيا جو ڌيان هٽائي سگهجي. جيتوڻيڪ اها راءِ پڻ بي وزن نه آهي ۽ حالتون ان تجزيي جي حق ۾ گهڻا ثبوت ۽ دليل پيش ڪن ٿيون پر حقيقت ۾ رڳو ايئن ناهي. ملڪ ۾ آپگهاتي جهاد جي هن لهر کي تاريخي پس منظر، عالمي صورتحال ۾ آمريڪي مفادن ۽ پاڪستان جي رياست جي مجموعي بحران جي تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. ٻيءَ صورت ۾ هن پيچيده بحران جي مٿاڇري ۽ سطحي تجزين سان نه ته اصل صورتحال کي سمجهي سگهبو ۽ نه وري مستقبل لاءِ ان مان ڪي نوس ۽ صحيح نتيجا ڪڍي سگهبا. اچو ته هن صورتحال جي سببن، محرڪن ۽ نتيجن تي هڪ نظر وجهون.

## (1) پاڪستان ۾ مذهبي ۽ جهادي سياست جو پس منظر:

پاڪستان ۾ اڄ جيڪڏهن مذهبي ۽ جهادي سياست سگهاري نظر اچي ٿي ته اهو ڪو اتفاق نه آهي پر اهو نتيجو آهي انهن تاريخي سببن ۽ سيڙپ جو جن پاڪستان ۾ مذهبي سوچ، سياست، رويي ۽ قوتن کي سگهارو ڪيو آهي. انهن سببن مان ڪجهه هي آهن.

1 _ پاڪستان جي قيام جي بنيادي دستاويزن ۾ اهو ڪٿي به لکيل، طئي ڪيل يا ڄاڻايل نه هو ته ڪو پاڪستان هڪ مذهبي رياست هوندو. 1940ع جي ٺهراءُ ۾ به اهڙو ڪو ذڪر ناهي ۽ 11 آگسٽ واري جناح جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ تقرير ۾ ته واضح طور چيو ويو هو ته پاڪستان هڪ مذهبي يا مُلا شاهي (Theocratic) رياست نه هوندو. ان تقرير ۾ پاڪستان بابت هڪ مڪمل سيڪيولر تصور ڏنو ويو هو پر پوءِ عملي طور ٿيو ان جي اُبتڙ. پاڪستان جا نظرياتي، سياسي ۽ سماجي بنياد هڪ مذهبي رياست ۽ معاشري طور وڌا ويا. ڪابه مذهبي رياست پس و پيش ڇا ڪندي؟ ظاهر آهي ته اها مذهبي فرقه پسنديءَ کي هٿي ڏيندي ۽ اها فرقه پسندي رڳو مختلف مذهبن وچ ۾ ڇڪتاڻ تائين محدود نه ٿي رهي پر اها هم مذهب ماڻهن وچ ۾ پڻ ڏڦير ۽ گروهه بنديءَ جو سبب بڻجي ٿي. پاڪستان اڄ بطور رياست ۽ معاشري جي اهو ئي ڪجهه لُڻي رهيو آهي، جيڪو گذريل ڇهن ڏهاڪن کان هتي پوکيو ويو آهي. ڪابه مذهبي رياست پنهنجي عوام کي ذميوار رياست ۽ روشن خيال معاشرو نه ٿي ڏئي سگهي.

2_ پاڪستان ۾ رياستي سطح تي شروع کان، هٿ وٺي سيڪيولر سوچ، قوتن، پارٽين توڙي ميڊيا جي روشن خيال حصي کي دٻايو ويو آهي. گذريل ڇهن ڏهاڪن کان رياست جو اهو بنيادي ۽ پيشه ورانه ڪم رهيو آهي ته سيڪيولر ۽ روشن خيال سوچ، ذريعن ۽ قوتن کي دٻايو، ڪمزور ۽ ختم ڪيو وڃي. اڄ جڏهن ملڪ ۾ جهاد جي نالي ۾ جنوني ۽ آپگهاتي دهشتگردي عروج تي آهي تڏهن ان جي سامهون ترقي پسند، روشن خيال ۽

سيڪيولر قوتون هيسيل نظر اچن ٿيون. سوال آهي تہ جڏهن ڇهن ڏهاڪن کان ان سوچ ۽ رويي کي دٻايو ۽ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ ٻئي طرف مذهبي جنونيت ۽ ان جي علمبردار قوتن کي هٿ وٺي ناهيو پاليو ۽ تاتيو ويندو تہ پوءِ طاقت جو توازن ڪهڙو ۽ ڇا ٿيندو؟

3۔ پاڪستان ۾ هونئن تہ سدائين مذهبي سياسي پارٽين کي سرڪاري سرپرستي حاصل رهي پر خاص طور تي جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ جنوني مذهبي قوتن کي آمريڪي ڊالر جي زور تي ٺاهيو ويو. جنهن کي بين الاقوامي طور تي ”جهادي صنعت“ يا ”مُلا۔ ملٽري اتحاد“ جو نالو ڏنو ويو. نتيجي ۾ پاڪستان جي سڃاڻپ سڄيءَ دنيا ۾ هاڻي اها وڃي رهي آهي جو رياست ملٽريءَ جي قبضي ۾ آهي ۽ معاشرو مذهبي جنوني قوتن هٿان عملي طور يرغمال بڻيل آهي. تازو حسين حقانيءَ جو شايع ٿيل ڪتاب “Pakistan Between Mosque and Military” پڙهڻ وٽان آهي. هاڻي اها سڄيءَ دنيا کي خبر آهي تہ جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ ”جنوني جهادي قوتن“ کي آمريڪي مدد سان عالمي سامراجي مفادن تحت هن خطي ۾ هڪ اسٽريٽجڪ هٿيار طور ٺاهيو ويو هو. ان تي اربين ڊالر خرچ ڪيا ويا هئا. جيسين روس هوءِ افغانستان ۾ نجيب جي حڪومت هئي تيسين جيئن تہ انهن قوتن جي ڊيوٽي پاڪستان بجاءِ افغانستان ۾ لڳل هئي، ان ڪري پاڪستان ۾ عوام کي انهن جي موجودگيءَ جو گهڻو احساس نہ ٿيو پر جيئن ئي نجيب جي حڪومت جو تختو اونڌو ٿيو ۽ اڳتي هلي روس جو زوال ٿيو تہ ”جهادي صنعت“ پنهنجو رخ تبديل ڪيو. هاڻي جڏهن ان سوچ، رويي ۽ قوت سڏيءَ ريت عالمي طور آمريڪا ۽ پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ ۽ رياست ۾ هٿ وڏا آهن تہ ڪين خبر پئجي وئي آهي تہ انهن سندن ٺاهيل قوتن کي ”ٻين“ ڪيئن پئي پوڄيو؟ اها ڳالهہ بہ ڪنهن شڪ کان بالاتر آهي تہ پاڪستان ۾ جيئن اسٽيبلشمينٽ هڪ الڳ رياست بڻيل آهي تيئن اها بہ حقيقت آهي تہ ايجنسيون وري ان رياست اندر هڪ ٻي رياست آهن. نہ رڳو اهو پر اها ڳالهہ بہ هاڻي ڪو راز نہ رهي آهي تہ افغانستان ۽ روس جي زوال کانپوءِ بہ انهن ايجنسين ملڪ اندر جنوني مذهبي ڏرين کي نہ رڳو سياسي طور زندهہ رکيو پر ڪين مختلف وقتن تي هڪ اسٽريٽجڪ هٿيار طور پڻ استعمال ڪيو ۽ بدستور ڪندي رهي ٿي. ان ڪري ايئن هرگز نہ آهي تہ ڪو اهي قوتون اتفاق سان پاڻ ئي پاڻ وڌيون، ويجهيون ۽ مضبوط ٿيون آهن يا انهن جي جنوني ۽ خطرناڪ سرگرمين پٺيان سندن هٿ نہ رهيو هجي. ڪنهن بہ ملڪ ۾ ڳجهين ايجنسين جو بنيادي ۽ پيشہ ورانہ ڪم ملڪ دشمن سرگرمين تي نظر رکڻ هوندو آهي پر شهيد ڀُٽي ۽ خاص طور جنرل ضياءَ جي دؤر ۾



ايجنسين جو سياسي ڪردار طئي ڪيو ويو. ڪين بي انداز معاشي وسيلا ۽ اختيار ڏنا ويا تہ سياست کي گندو، خراب، عوام دشمن، پُرتشدد ۽ دهشتگرد بڻايو وڃي. ان حوالي سان بہ اڄ ملڪ ۾ اهو ئي ڪجهہ لُٽيو پيو وڃي، جيڪو پوکيو ويو. ايجنسين ملڪ ۾ هڪ طرف روشن خيال سياست کي مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي تہ ٻئي طرف سياست وٽ اڄ نظرين، خوابن، عوام دوستي ۽ پاليسين بجاءِ هٿيار، دهشتگرد، لوفر، ڀتہ گير، ڌوهاري، ڪرپٽ سياستدان ۽ ڪارڪن ۽ جاهل جنوني آهن. ملڪ جي موجوده سياسي نقشي جا انجنيئر عوام، روشن خيال سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ نہ پر سئو سيڪڙو ايجنسيون آهن.

## (2) موجوده ڇڪتاڻ ۽ دهشتگرديءَ جا معروضي سبب:

جيتوڻيڪ افغانستان ۾ طالبان حڪومت جي خاتمي کانپوءِ سرحد صوبي جي قبائلي علائقن وزيرستان، باجوڙ وغيره ۾ طالبان، القاعده ۽ پرڏيهي جهادين توڙي حڪومت وچ ۾ سخت ۽ خوني ڇڪتاڻ هلندڙ آهي پر تازو لال مسجد آپريشن کانپوءِ صورتحال وڌيڪ شدت اختيار ڪري وئي آهي. جڏهن غازي ڀائرن آپريشن دوران سڄي ملڪ ۾ آپگهاتي حملن جون ڌمڪيون پئي ڏنيون تہ انهن کي ڪيترن ئي ماڻهن مڙئي ڳالهہ سمجهيو پر لال مسجد آپريشن ۽ غازي عبدالرشيد جي موت کانپوءِ ملڪ ۾ مسلسل آپگهاتي حملن مان ثابت ٿي رهيو آهي تہ اهي رڳو ڳالهيون نہ هيون. خود القاعده جي موجوده سربراهہ ايمن الزواهري پڻ ان کانپوءِ عالمي طور تي ڌمڪي ڏني هئي تہ پاڪستان کي ان جا سنگين نتيجا ڀوڳڻا پوندا ۽ هيئنر صاف نظر اچي رهيو آهي تہ اهي نتيجا پاڪستان ڀوڳي پيو ۽ جيڪڏهن ملڪ جو وجود رهيو تہ ڊگهو عرصو ڪيس اهي نتيجا ڀوڳڻا پوندا. هن وقت ملڪ ۾ جيڪي سنگين ۽ مسلسل آپگهاتي حملا ٿي رهيا آهن ان بابت عام رايا ٿي آهن.

(الف) هڪ راءِ اِها جُڙي رهي آهي تہ لال مسجد واقعو ۽ ان کانپوءِ ملڪ ۾ شروع ٿيل آپگهاتي حملا مشرف حڪومت جي حڪمت عمليءَ جو نتيجو آهن. هڪ طرف مشرف عوام لاءِ سخت ناقابل قبول ۽ ناپسنديده ماڻهو بڻجي ويو هو تہ ٻئي طرف ملڪ ۾ عدليہ کان وٺي سياسي اشوز سنگين بڻيل آهن. ٻوڏ جي صورتحال الڳ آهي. ان ڪري مشرف حڪومت عوام، ميڊيا ۽ دنيا جو ڌيان حقيقي اشوز کان هٽائڻ لاءِ هي سڄو ڊرامو رچايو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هو اهو تاثر قائم ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ويو آهي تہ هن جي غير موجودگيءَ ۾ انتها پسند جهادي قوتون پاڪستان کي ڪيڏانهن بہ وٺي وڃي سگهن ٿيون. ان حوالي سان عالمي طور بہ هن پنهنجي اسٽريٽجڪ اهميت هڪ دفعو وري وڌائي آهي ۽ ويجهي عرصي ۾ ملڪ ۾ ديوار سان لڳل مشرف وري پنهنجي لاءِ جاءِ ٺاهي ورتي آهي.

(ب) ساڳيءَ طرح جي راءِ جيڪا پڻ ملڪ جي سياسي ۽ صحافتي ماڻهن ۾ عام آهي، اِها آهي ته اها سراسر ايجنسين جي پاڻ ۾ تڪرار جي راند آهي، جنهن جو بنيادي سبب پڻ جنرل پرويز مشرف آهي. اها راءِ رکندڙن جو رايو آهي ته جنرل پرويز مشرف نه رڳو ملڪ جي عوام لاءِ پر هاڻي خود استيبلشمينٽ جي هڪ حصي ۽ ڪجهه ايجنسين لاءِ پڻ ناپسنديده شخص بڻجي چڪو آهي، ان ڪري اهي ايجنسيون لال مسجد ۽ آپگهاتي حملن جهڙا اِشوز دراصل هن جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ چاهين ٿيون.

(ت) ٽين راءِ اِها جُڙي رهي آهي ته هيءُ تڪرار رڳو ناٽڪ ناهي پر سچ پچ به جهادي قوتن ۽ رياست وچ ۾ اُڀرندڙ تضاد جو نتيجو آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان هاڻي نه رڳو جهادي قوتن مان بنيادي طور هٿ ڪڍي چڪو آهي پر اهو آمريڪا جي چوڻ تي ۽ سندن دٻاءُ ۽ مدد سان کين هٿ ڏوئي ختم ڪرڻ جي پٺيان اچي لڳو آهي ۽ هي سڀ ان جو ردعمل آهي. ڇاڪان ته جهادي قوتون به هاڻي ڪا معمولي قوت نه آهن. پاڪستان ۾ 20 هزار کان وڌيڪ مدرسا موجود آهن ۽ لال مسجد ۽ حفصه مدرسي مان اها ڳالهه هاڻي واضح ٿي چڪي آهي ته اسان وٽ مدرسن ۾ ”تعليم ۽ تربيت“ ڪهڙي ڏني ويندي آهي؟ ان ڪري پاڪستان ۾ ڏسي ۽ چئي سگهجي ٿو ته مذهبي انتها پسند ڏرين کان وڌيڪ منظم، هٿياربند ۽ مضبوط ڌر هيئنر ٻي ڪابه نه آهي. 20 هزار کان وڌيڪ مدرسن ۾ لکين طالب تربيت حاصل ڪن ٿا ۽ وٽن جديد هٿيارن جا انبار گڏ ٿيل آهن، ان ڪري اِن ڌر جي سگهه کي Under Estimate ڪنهن به ريت نٿو ڪري سگهجي.

## اصل حقيقت ڇا آهي؟

سماجي ۽ سياسي لقاءَ ڪڏهن به سادا نه ٿيندا آهن، هڪ ته اهي هميشه متحرڪ ٿيندا آهن، ان ڪري مسلسل تبديل پيا ٿيندا آهن ۽ سندن محرڪ ۽ مفاد به هميشه ساڳيا رهندا آهن. ان ڪري ايئن سمجهڻ ته پنهنجون ٺاهيل قوتون سدائين پنهنجي ”هٿ وس“ هونديون، اهو ممڪن نه آهي. ماڻهو تبديل ٿي سگهن ٿا، سندن مفاد، رخ ۽ رويا تبديل ٿي سگهن ٿا ۽ ٿيندا آهن. سندن اتحاد ۽ وفاداريون تبديل ٿي سگهن ٿيون، سندن محرڪ ئي نه پر دائرا ۽ محور به تبديل ٿي سگهن ٿا. پاڪستان ۾ جهادي سياست ۽ قوتن کي به ايئن ڏسڻ گهرجي. ڪالهه جي استيبلشمينٽ مخالف بينظير اڄ انهن جي وڏي ۾ وڏي اتحادي ٿي سگهي ٿي ۽ ڪالهه جو سندن پيدا ڪيل ماڻهو نواز شريف سندن خلاف اُٿي بيهي سگهي ٿو ته ٻيون قوتون به ايئن تبديل ٿي سگهن ٿيون. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته اڄ به مذهبي سياسي پارٽين جو وڏو انگ ”ڏٽين“ جي پنهنجي ”گهر“ جي شيءِ آهي پر



اها به حقيقت آهي ته جهادي سياست ڪندڙ گروهن جو هڪ وڏو حصو اهڙو به آهي، جنهن جون واڳون ۽ وفاداريون هاڻي پاڪستان بجاءِ عالمي طور القاعده سان آهن. جيتوڻيڪ اهي سمورا گروهه ٺاهيا استيبلشمينٽ ۽ ايجنسين هئا ۽ سندن سرپرستي به انهن پئي ڪئي پر هاڻي ان جو هڪ چڱو حصو پنهنجون وفاداريون تبديل ڪري عالمي طور آمريڪا مخالف جهادي قوتن سان گڏجي چڪو آهي. حفضه مدرسو ۽ لال مسجد به ان ئي گروهه جو حصو نظر اچن ٿيون، نه ته هيستائين القاعده ڪڏهن به ايئن سڌيءَ ريت پاڪستان کي ڌمڪيون نه ڏنيون آهن. عالمي ۽ هن خطي جي صورتحال مان نظر پيو اچي ته آمريڪا جو پاڪستان تي سخت دٻاءُ آهي ته اها انهن آمريڪا مخالف جهادي قوتن ۽ گروهن کي سختيءَ سان ختم ڪري ۽ پاڪستان هڪ Client State جي حيثيت ۾ آمريڪا جي حڪم عدولي ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ آمريڪا طرفان پاڪستان جهڙي ملڪ تي اڄا تائين هٿ رکڻ جو وڏو سبب به اهو آهي ته پاڪستان مڪمل طور فوج جي ڪنٽرول ۾ آهي ۽ اها پاڪستان کي آمريڪي اسٽريٽجڪ مفادن جي ريجنل اڏي طور استعمال ڪري ٿي. پاڪستان جي آمريڪا وٽ اهميت جو هن وقت وڏي ۾ وڏو سبب اهو ئي آهي. ٻيو ته اها ڳالهه پڻ هاڻي ثابت ٿي چڪي آهي ته پاڪستان ۾ نه رڳو منظم جهادي گروهه موجود آهن پر پاڪستان عالمي طور اهڙا گروهه پيدا ڪرڻ جي هڪ نرسريءَ طور ڪم ڪري رهيو آهي، خاص طور سرحد صوبي ۽ قبائلي علائقن ۾. ان ۾ رڳو پاڪستاني به نه آهن پر سينٽرل ايشيا، انڊونيشيا ۽ مڊل ايسٽ توڙي افغانستان جا به هزارين ويڙهاڪ شامل آهن.

## هاڻي ڇا ٿيندو؟

اڄ ڪلهه ملڪ ۾ هر ماڻهو ان خوف ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا آهي ته آخر هيءُ بحران ڪٿي ۽ ڪيئن وڃي ڇيهه ڪندو؟ ڇاڪاڻ ته آپگهاتي حملن في الحال ته رياست کي وائڙو ۽ عوام ۾ خوف پيدا ڪري ڇڏيو آهي. لال مسجد واقعي ڪانپوءِ مسلسل آمريڪا جي بيانن مان صاف نظر پيو اچي ته آمريڪا جو پاڪستان تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي ته اُهو انهن گروهن خلاف وڏيءَ سطح تي آپريشن ڪري. ٻئي طرف رياست ۽ حڪومت ان اداري ۽ فرد يعني جنرل مشرف وٽ آهي، جيڪو پنهنجا سڀ ڪارڊ وڃائي چڪو آهي ۽ ان جو ڪوبه عمل عوام وٽ پسنديده نه رهيو آهي. هيءُ بحران وقتي طرح ته ماٺو ٿي سگهي ٿو پر جهادي قوتن ۽ استيبلشمينٽ جو ٺاهه آسانيءَ سان ٿيندي نظر نه ٿو اچي، ڇاڪاڻ ته ٻنهي ڌرين جون واڳون مٿي آهن. هڪ ڌر جون واڳون وائٽ هائوس وٽ آهن ته ٻيءَ ڌر جون

واڳون القاعده وٽ آهن. جيئن ته ٻئي ڌريون هٿياربند ۽ طاقتور به آهن، ان ڪري هيءُ تڪرار ملڪ کي پُرتشدد ۽ خوني انارڪيءَ ڏانهن ڌِڪيندو. هيءُ ملڪ هڪ اهڙيءَ گهرو ويڙهه جهڙيءَ انارڪيءَ ڏانهن ڌِڪجي رهيو آهي، جنهن جو ڪوبه سادو حل نظر نه ٿو اچي. جيڪي عنصر معاشري کي روشن خياليءَ، عقليت پسنديءَ ۽ ذهني ڪشادگيءَ ڏانهن وٺي ويندا آهن، انهن کي هن رياست هڪ هڪ ڪري هٿ وٺي تباهه ڪيو آهي ۽ جيڪي عنصر معاشرن کي جنونيت، جهالت، تنگ نظريءَ ۽ انتها پسنديءَ ڏانهن وٺي ويندا آهن، انهن کي رياست ڇهن ڏهاڪن ۾ پالي، تاتي تيار ڪيو آهي. هاڻي جڏهن اُهي مڇي مواڙ ٿيا آهن تڏهن رياست وات ڦٽيو ويٺي آهي. جنهن ملڪ ۾ جمهوريت نالي ماتر به نه هجي، عدليه آزاد نه هجي، انصاف جو تصور نه هجي، غربت ۽ جهالت چوٽ چڙهيل هجي، غير قانوني هٿيارن جا انبار گڏ ڪيل هجن، دهشتگرد پيدا ڪرڻ جون سياسي فيڪٽريون کُليون پيون هجن، قومن ۽ عوام کي ٻئي ۽ ٽئين درجي جو غلام بڻايو ويو هجي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته جيڪو ملڪ پنهنجي خود مختياري وڪڻي چڪو هجي، ان جو مستقبل سواءِ بدترين ۽ Violent انارڪيءَ جي ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو؟

## جهادي- رياست تڪرار جا امڪاني نتيجا:

هر پيچيده لقاءُ وانگر هيءُ خوني تڪرار به پاڻ سان گڏ عجيب و غريب نتيجا ڪڍي ايندو. منهنجيءَ نظر ۾ ان مان مکيه هي آهن:

(1) هيءُ تڪرار بنيادي طور ٻن فاشسٽ ۽ عوام دشمن قوتن وچ ۾ آهي، ان ڪري هيءُ تڪرار جيترو وڌندو اترو نه رڳو انهن ٻنهي کي ڪمزور ڪندو پر ڪين هر لحاظ کان وڌيڪ ايڪسپوز پڻ ڪندو ته ڪير ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي؟ ان ڪري عارضي طور هيءُ تڪرار عوام کي به نقصان رسائيندو پر ڊگهي مدي جي حوالي سان هيءُ تڪرار جيئن ته ٻنهي ڌرين کي ڪمزور ۽ ايڪسپوز ڪندو، ان ڪري مثبت نتيجا پڻ آڻيندو.

(2) هيءُ تڪرار رياست جي اڳ ئي موجود گهڻ طرفي بحران کي وڌيڪ تيز ۽ پيچيده ڪندو. ڇاڪاڻ ته معاشري جون ٻيون سموريون جمهوريت پسند، سيڪيولر، روشن خيال، ترقي پسند ۽ لبرل ڌريون انهن ٻنهي ڌرين جي خلاف آهن ۽ اڳتي هلي اهي ان تڪرار ۾ سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ ريت وڏو ڪردار ادا ڪنديون. رياست جو گهڻ طرفو بحران وڌيڪ تيز ۽ پيچيده ٿئي، اهو پس و پيش هن ملڪ جي مظلوم قومن ۽ عوام جي حق ۾ آهي ته جيئن ڳالهه حتمي نبيري ڏانهن وڃي.



(3) جيئن ته هن تڪرار جي ٻنهي ڌرين جون واڳون عالمي سطح تي ٻين ڌرين (آمريڪا ۽ القاعده) وٽ آهن، ان ڪري هن تڪرار جي نتيجي ۾ انهن ڌرين جو تڪرار پڻ عالمي طور تيز ٿيندو ۽ ان جا نتيجا به پس و پيش اُهي ئي نڪرندا جيڪي هيٺين سطح تي هنن ٻن ڌرين جي تڪرار جا نتيجا سامهون اچي رهيا آهن.

(4) پاڪستان ۾ وڌندڙ مذهبيت ۽ مذهبي سياست جي رجحان کي ڌڪ لڳندو، ڇاڪاڻ ته تشدد پسند ۽ خوني انارڪي عوام کي هن سڄي ميدان مان ٻاهر ڪڍي بيهاريندي ۽ اها ڳالهه مثبت آهي. مجموعي طور هي آپگهاتي جهادي سياست ڪجهه وقت ڪانپوءِ عوام کي ان قسم جي سياست کان لاتعلق ۽ بدظن ڪري ڇڏيندي. عوام ۾ مذهبي رويا ته ضرور وڌن پيا پر عوام جي گهڻائي ان قسم جي آپگهاتي جهادي سياست جي حمايت ۽ پذيرائي افورڊ نه ٿي ڪري سگهي.

(5) عام غريب ماڻهو جيڪي غربت سبب پنهنجن ٻارن کي مدرسن ۾ ديني تعليم لاءِ موڪليندو آهي، ان جي رفتار ۾ گهٽتائي ايندي. ڇاڪاڻ ته حفضه مدرسي ۽ لال مسجد واقعي ڪانپوءِ عوام ڏسي ورتو آهي ته اهڙن مدرسن ۾ ديني تعليم بجاءِ ڪو ”ٻيو“ ڪم ٿي رهيو آهي. ظاهر آهي ته عوام جي گهڻائيءَ جي انهن سرگرمين ۾ ڪابه دلچسپي نه آهي. ان ڪري مدرسن ۾ مخصوص عنصر ته ايندا پر عام ماڻهو هاڻي پنهنجا ٻار مدرسن ڏانهن موڪلڻ وقت ضرور سوچيندو. ان ڪري مدرسن ۾ جنهن رفتار سان نوجوان ۽ ٻار داخل ٿي رهيا هئا، هاڻي ان ۾ گهٽتائي ايندي.

(6) سرڪاري مذهبي سياسي پارٽين ۽ آمريڪا مخالف جهادي گروهن وچ ۾ تضاد تيز ٿيندو، ڇاڪاڻ ته اڪثر مذهبي سياسي پارٽيون سرڪار سان هميشه اندر ئي اندر گڏ رهيون آهن ۽ بدستور اڄ به گڏ آهن ۽ اُهي آمريڪا توڙي پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ خلاف ڪوبه حقيقي عملي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. نتيجي ۾ سندن ٻهروپيءَ وارو ڪردار تيزيءَ سان عوام آڏو پڌرو ٿيندو. مثال طور لال مسجد واقعي بابت انهن پارٽين رسمي بيان ته ڏنا آهن پر انهن جو ڪوبه زوردار آواز سامهون نه آيو. ان ڪري سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ هلندڙ مذهبي سياسي پارٽين ۽ جهادي گروهن وچ ۾ تڪرار پڻ تيز ٿيندو.

## روشن خيال ڌريون ۽ سول سوسائٽي ڪٿي آهي؟

هن سڄيءَ صورتحال ۾ جيڪا ڳالهه وڌيڪ افسوسناڪ آهي، اُها هيءَ آهي ته هن سڄي منظرنامي ۾ روشن خيال، ترقي پسند ڌريون ۽ سول سوسائٽي گم آهن يا انهن جو

گهربل ڪردار نظر نہ ٿو اچي. پاڪستان جي سياست تي مجموعي طور ساڄي ڌر حاوي ٿي رهي آهي، ميڊيا جو جيتوڻيڪ هڪ حصو لبرل ۽ آزاد آهي پر انهن جو وڏو حصو اڄ بہ Conservative آهي. دلچسپ ۽ عجيب حقيقت اها آهي تہ اڄ رجعت پسند ڌريون سامراج دشمنيءَ وارو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن ۽ پ پ پ ۽ اي اين پيءَ جهڙيون سيڪيولر ڌريون آمريڪا جي ويجهو ۽ سندن ساٿ ڏيندڙ نظر اچي رهيون آهن. پاڪستان ۾ روشن خيال ڌريون ۽ سول سوسائٽي اڳ ڪڏهن بہ ايترو ڪمزور، هيسيل، وائڙي ۽ بنيادي تضادن کان لاتعلق نہ هئي، جيترو اها اڄ نظر اچي رهي آهي. جيڪڏهن ملڪ جي جمهوريت پسند، قومپرست، روشن خيال، ترقي پسند ۽ سيڪيولر ڌرين پنهنجو ڪو مضبوط ڪردار نہ اُڀاريو تہ پوءِ شايد عوام هن تڪرار ۽ انارڪيءَ جو گهربل فائدو نہ وٺي سگهي ۽ پوءِ هيءُ سڄو تڪرار Counter Productive بہ ٿي سگهي ٿو ۽ سياست توڙي معاشري جو رهيل نور بہ وڃائي سگهي ٿو.